Alliance for Climate Justice and Clean Energy (ACJCE)

ٿر ۾ زمين حاصل ڪرڻ ۽ بي گھر ماڻھن جي بحالي توڙي آبادڪاري ۾ ٿيندڙ بي ضابطگين ۽ انساني حقن جي پيڪڙين

تي

آن لائن پريس ڪانفرنس

24 نومبر 2020ع (اڱارو) 2 لڳي 30 منٽ ٻپھري کان 4 وڳي شام تائين

پريس اسٽيٽمينٽ

السلام عليڪم!

اميد ته اوھان خيريت سان ھوندا ۽ اوھان کي اسان جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ اچي رھيو ھوندو.

الائنس فار ڪلائميٽ جسٽس اينڈ ڪلين انرجي پاران اسين اڄ ھن آن لائن پريس ڪانفرنس ۾ شريڪ سمورن صحافين ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن کي پليڪار چئون ٿا. اسين اوھان جا ٿورائتا آھيون جو اوھان پنھنجو قيمتي وقت ڪڍي اڄ جي ھن پريس ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. اميد آھي ته اوھان ٿر ۾ ڪوئلي جي کوٽائي ۽ بجلي گھرن جي قيام لاءِ زمين حاصل ڪرڻ وارن معاملن کان با خبر ھوندا. ڪوئلي جي انھن منصوبن جي لاءِ اڳواڻ ئي نجي ڪمپنين مقامي ماڻھن کان ھزارين ايڪڙ زمين حاصل ڪري ورتي آھي ۽ زمين حاصل ڪرڻ وارو جاري اھو عمل مستقبل ۾ ڪٿي رڪندو نظر نه پيو اچي.

اڄ جي ان پريس ڪانفرنس جو مقصد ٿر ۾ جاري زمين حاصل ڪرڻ واري عمل ۾ ٿيندڙ بي ضابطگين ۽ ان جي نتيجي ۾ بي دخل ٿيندڙ ماڻھن جي انساني حقن جي پيڪڙين کي اجاگر ڪرڻو آھي. اسين اميد ڪريون ٿا ته اوھان جي اخبارن، رسالن، ريڊيو اسٽيشنز ۽ ٽي وي چينلن ذريعي اسين اھي مسئلا ڏميوار عملدارن تائين پھچائڻ ۾ ڪامياب ٿيندا سين.

1_ زمين حاصل ڪرڻ ۽ بي گھر ٿيندڙ ماڻھن جي بحالي توڙي آبادڪاري لاءِ پاليسي جو نه ھجڻ؛

سڄي دنيا ۾ ڪنھن به ترقياتي منصوبي لاءِ زمين حاصل ڪرڻ جو عمل ھڪ قانون ۽ مخصوص پاليسي ذريعي پورو ڪيو ويندو آھي. پاليسي جو مقصد زمين حاصل ڪرڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ بي دخل ٿيندڙ ماڻھن جي بحالي توڙي آبادڪاري جي عملن کي علاقائي قانوني، جاگرافيائي، معاشي ۽ سماجي حالتن سان ھم آھنگ ڪرڻ ھوندو آھي. زمين حاصل ڪرڻ ۽ آبادڪاري جي انھن عملن ۾ تضادن ۽ خامين جي تدارڪ لاءِ پاليسي سازي جي عمل کي وڌ کان وڌ شراڪتي بڻايو ويندو آھي ۽ پاليسي سازي جي ان شراڪتي عمل ۾ متاثر ٿيندڙ مقامي آبادي جي شرڪت کي خاص طور تي يقيني بڻايو ويندو آھي.

ٿر ۾ ھن وقت ڪوئلي جي ڪمپنين جي لاءِ زمين جي حاصلات برطانوي نو آبادياتي قانون لينڈ ايڪوئيزيشن ايڪٽ 1894ع جي ظالمانه ايمرجنسي شقن ھيٺ عمل ۾ آندي پئي وڃي. جڏھن ته پاليسي جو جيستائين تعلق آھي، حڪومت ان سلسلي ۾ ڪابه پاليسي ناھي جوڙي. پاليسي نه ھڻڻ سبب ٿر ۾ زمين حاصل ڪرڻ ۽ بي دخل ٿيندڙ ماڻھن جي بحالي ۽ آبادڪاري جا معاملا مرڪزيت، عدم شرڪت، آفيسر شاھي جي صوابديدي اختيارن، عدم شفافيت، بدعنواني ۽ ٻين مسئلن جو شڪار آھن. فيصلا سازي ۾ متاثر ٿيندڙ آبادي جي شرڪت جو ڪو تصور ئي ناھي. نجي ڪمپنين، مال ڪاتي، ضلعي انتظاميه ۽ مقامي با اثر ماڻھن جي گڏيل شرڪت سان ٿيندڙ انھن فيصلن کي طاقت جي زور تي مقامي ماڻھن مٿان مڙھيو پيو وڃي. اھڙي حالتن ۾ مقامي ماڻھن کان ورتي ويندڙ زمين، معاوضن جي مقرري ۽ فراھمي ۽ معاشي وسيلن جي بحالي سان لاڳاپيل فيصلي سازي ۾ بي ضابطگيون، بدعنوانيون ۽ انساني حقن جون پيڪڙيون اٽڪل آھن.

نيو سينھري درس مادل وليج جي غير معياري اڏاوت انھن بي ضابطگين ۽ بدعنواني جو زنده مثال آھي. اھو مادل وليج بلاڪ_2 ۾ سينھري درس ڳوٺ مان بي دخل ٿيندڙ ماڻھن جي بحالي توڙي آبادڪاري لاءِ تعمير ڪيو ويو ھو. سنڌ اينگرو ڪول مائيننگ ڪمپني پاران تعمير ٿيندڙ ان مادل وليج ۾ مقامي ماڻھن جي شرڪت کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪيو ويو، جنھن جو نتيجو اھو نڪتو ته اھا ڪالوني پنھنجي رھائشين جي ضرورتن ۽ اميدن کي پورو ڪرڻ ۾ ھڪ ناڪام منصوبو ثابت ٿي. واضح رھي ته نيو سينھري درس مادل وليج ۾ رھواسين کي مالڪاڻا حق فراھم نه ڪيا ويا آھن. ان سان گڏوگڏ ڪالوني جي غير معياري اڏاوت بابت مقامي ماڻھو ڪافي عرصي کان شڪايتون ڪندا رھيا جڏھن ته ڏميوار عملدار انھن عوامي شڪايتن کي ھميشه بي بنياد قرار ڏيندا رھيا. جڏھن ته تازين بارشن نيو سينھري درس مادل وليج جي غير معياري اڏاوت کي پٽرو ڪري ڇڏيو.

نيو سينهري درس مابل وليج جي ناڪام تجربي کانپوءِ کوئلي جي نجي ڪمپنين ۽ حڪومت ٿر ڪول بلاڪ_1 ۾ گهرن جي بدلي ۾ روڪ رقم جي جزوي ادائگين کانپوءِ بي دخل ٿيندڙ مقامي آبادين جي بحالي توڙي آبادڪاري جي ذميواري کان پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪري ورتو آهي. معاوضي جي ان جزوي نقد رقم سان بلاڪ_1 جا ڪجه خاندان پنهنجي لاءِ نون گهرن جي اڏاوت لاءِ زمين جي خريداري ۾ ڪامياب ٿيا، جڏهن ته بي دخل ٿيندڙ گهڻا خاندان اڳ ۾ ئي اها رقم پنهنجي روز مره جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ تي خرچ ڪري چڪا آهن.

2_ زمين حاصل ڪرڻ ۾ بحالي توڙي آبادڪاري سان لاڳاپيل معلومات جي فراهمي لاءِ نظام جو نه هجڻ؛

زمين حاصل ڪرڻ ۾ بحالي توڙي آبادڪاري جي عمل ۾ شفافيت کي يقيني بنائڻ لاءِ معلومات جي فراهمي لاءِ حڪومت کي اهڙو موزون نظام جوڙڻ گهرجي ها جيڪو مقامي حالتن سان موافقت رکندڙ هجي. جڏهن ته حڪومت ٿر ۾ اهڙو ڪوبه نظام ناهي ٿاهيو جنهن سبب اتان جي مقامي آبادي (جيڪا گهڻي پاڳي اٽڙهيل، غريب ۽ ڏورانهن اهڙن ڳوٺن ۾ رهندي آهي جتي بنيادي سهولتون نه هڻڻ برابر آهن) ضروري معلومات جي غير موجودگي ۽ بي يقيني جهڙن مسئلن ۾ وکوڙيل آهي.

معلومات جي فراهمي جو نظام مقامي آبادي کي زمين حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي بحالي توڙي آبادڪاري بابت باخبر رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ها. پاڻ سان ٿيندڙ ڪنهن به ناانصافي کي منهن ڏيڻ لاءِ وقت تي قانوني ڪارروائي ۽ ٻيا قدم کڻي سگهن ها. معلومات جي فراهمي لاءِ ڪو نظام هجي ها ته سول سوسائٽي ۽ سڌ سماءَ موجوده انساني حقن جي پيڪڙين، بي ضابطگين ۽ بدعنواني جي نشاندهي ۽ حل پيش ڪرڻ ۾ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ها. زمين حاصل ڪرڻ ۽ بحالي توڙي آبادڪاري سان لاڳاپيل معلومات جي فراهمي جو نظام نه هڻڻ سبب متاثر ٿيندڙ مقامي ماڻهن جا مسئلا وڌيڪ پيچيده ٿي رهيا آهن.

3_ يڪساله، گائوچر ۽ ٻين اثاثن جي بدلي ڪوبه معاوضو نه ڏيڻ؛

ٿر ۾ رهڪي پوکي ۽ چراگاهن لاءِ استعمال ٿيندڙ زمينن جا گهڻائي قسم آهن. انهن ۾ سروي، ناقبولي، يڪساله ۽ گائوچر خاص طور تي ذڪر جوڳا آهن. سروي، ناقبولي ۽ يڪساله زمينون رهڪي پوکي جڏهن ته گائوچر چوپايو مال چارڻ جي استعمال ۾ ايندیون آهن. روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ، ٿر جا مقامي مالڪ ۽ بي زمين ماڻهن جو گذارو زمين جي انهن سموري قسمن تي ٿئي ٿو. جڏهن ته ٿر ۾ جاري زمين حاصل ڪرڻ جي بدلي، حڪومت رڳو سروي زمين جي بدلي معاوضو فراهم ڪري رهي آهي.

ٿر جي سمورن ڳوٺن ۾ مالڪ سروي زمين سان گڏوگڏ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان يڪساله زمين به آباد ڪندا پيا اچن. آبادگارن جي هڪ اڪثريت وٽ موجود آبادي هيٺ ايندڙ يڪساله زمين انهن جي سروي زمين کان ويڙهي يا ان کان به وڌيڪ آهي. يڪساله زمين اصل ۾ حڪومت کان ليز (ٺيڪي) تي ورتل اها زمين آهي، جنهن جو آبادگار سالياني ٽيڪس ادا ڪندا آهن ۽ هڪ مخصوص عرصي ڪانپوءِ انهن کي ان يڪساله جا مالڪاڻا حق ڏنا ويندا آهن. جڏهن ته مال ڪاتي جا ڏميوار عملدار ورتي ويندڙ ٽيڪس جي بدلي مقامي آبادگارن کي رسيدون فراهم نٿا ڪن. ٻئي پاسي مقامي آبادگار به گهڻي پاڳي اهي رسيدون سنڀالي نٿا رکن. ان لاءِ اڄ جڏهن ٿر ۾ مقامي ماڻهن کي زمينن تان بي دخل ڪيو ويو وڃي ته انهن جي اڪثريت وٽ پنهنجي يڪساله زمين جي ليز (ٺيڪي) جو ڪوبه رڪارڊ موجود نه آهي. اهڙين حالتن ۾ حڪومت مقامي آبادگارن کان يڪساله زمين بنا معاوضو ادا ڪرڻ جي حاصل ڪري رهي آهي. واضح رهي ته يڪساله زمين نه رڳو مالڪن پر بي زمين هارين لاءِ به آمدني جو هڪ اهم ذريعو آهي.

ٿر ۾ مقامي ماڻهن جي روزگار جو ذريعو گهڻي پاڳي رهڪي پوکي ۽ چوپايو مال پالڻ تي آهي. چوپايو مال عام طور تي زمين مالڪ ۽ بي زمين ٻئي طبقا پالين ٿا. سوڪهڙي جي ڏينهن ۾ جڏهن فصل نٿا پوکي سگهجن اهو چوپايو مال مقامي ماڻهن کي خوراڪ جو تحفظ ۽ روزگار فراهم ڪرڻ جو اهم ذريعو هجي ٿو. هر ڳوٺ جو پنهنجو گائوچر هجي ٿو، جتي مقامي ماڻهو پنهنجون ريون، ڀڪريون، ڳئون ۽ اٺ وغيره چارائيندا آهن. عام طور تي ان گائوچر جو رقبو ڳوٺ جي ڪل سروي ۽ يڪساله زمينن جي گڏيل رقبي جي برابر يا ان کان به وڌيڪ هجي ٿو. ان حقيقت جي باوجود ته ٿر ۾ گائوچر مقامي ماڻهن لاءِ روزگار جو هڪ اهم ذريعو آهي، زمين حاصل ڪرڻ جي نتيجي ۾ بي دخل ٿيندڙ ماڻهن کي حڪومت نه ڪو متبادل گائوچر ۽ نه ئي ڪو متبادل روزگار جو ذريعو مهيا ڪري رهي آهي.

رڳو سينهري درس ڳوٺ جي ماڻهن کي حڪومت متبادل گائوچر لاءِ زمين مهيا ڪئي آهي. اها متبادل زمين اصل ۾ ٽاريو هالپوٽو ڳوٺ جي ماڻهن جي يڪساله زمين آهي. حڪومت جي ان قدم سان سينهري درس ڳوٺ ۽ ٽاريو هالپوٽو ڳوٺ وچ ۾ تڪرار پيدا ٿي ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ پوليس ۾ ڪيس به داخل ٿيا آهن ۽ گرفتاريون به ٿيون آهن. وڌيڪ اهو ته حڪومت گهرن ڪانسواءِ ماڻهن کي وٽن ۽ ٻين اثاثن جي بدلي ڪو به معاوضو مهيا نه ڪري رهي آهي. گهرن جو معاوضو گهر ۾ موجود نڪاح ٿيل ماڻهن جي تعداد سان لاڳاپيل هجي ٿو.

4_ بي زمين هارين کي روزگار جي وسيلن کي نقصان جي بدلي معاوضو فراهم نه ڪرڻ؛

ٿر ۾ مقامي آبادي جو هڪ وڏو انگ بي زمين آهي. اهي بي زمين هاري پنهنجي ڳوٺ جي مالڪن جي زمينن تي ڪيت مزدور طور ڪم ڪن ٿا. متاثر ٿيندڙ ڳوٺن ۾ زمين حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ انهن بي زمين هارين وٽ ڪيت مزدور طور ڪم ڪرڻ لاءِ انهن جي ويجهن علائقن ۾ ڪابه زمين موجود ناهي. ٻئي پاسي چوپايو مال چارڻ لاءِ انهن وٽ ڪو گائوچر به ناهي. حڪومت مقامي مالڪن کي انهن جي سروي زمين جي بدلي معاوضو فراهم ڪري رهي آهي. جڏهن ته بي دخل ٿيندڙ بي زمين هارين جي روزگار جي خاتمي جي بدلي ڪنهن به قسم جو معاوضو ادا نه ڪيو وڃي.

ٿيڻ ته ايئن گهرجي ها ته زمين حاصل ڪرڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ معاشي عدم تحفظ جي بچاءَ جي لاءِ حڪومت انهن بي زمين هارين کي متبادل روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ خاص قدم کڻي ها پر حڪومت انهن کي انهن جي گهرن کانسواءِ ڪنهن به قسم جو معاوضو ادا ناهي ڪيو. ٿر ۾ زمين حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ بي دخلين سبب پيدا ٿيندڙ معاشي عدم تحفظ ۾ سڀ کان وڌيڪ بي زمين هاري متاثر ٿيا آهن.

5_ معاوضن جي ادائگين ۾ غير معمولي دير؛

بي دخلين جو شڪار مقامي ماڻهن کي معاوضن جي ادائگين ۾ غير معمولي دير کي ڏسڻو پيو پوي. حڪومت متاثر ماڻهن کي معاوضن جي ادائگي قسطن ۾ ڪري رهي آهي. پهرين قسط زمين جي منتقلي جي وقت ڏني رهي آهي جڏهن ته باقي بچيل رقم جي ادائگي ۾ غير معمولي دير ڪئي پئي وڃي. بااثر مقامي ماڻهو پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري پنهنجي معاوضن جي رهيل رقم حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا جڏهن ته غريب ماڻهن وٽ انتظار کانسواءِ ڪوبه رستو ناهي.

متاثر ٿيل ڳوٺن سان تعلق رکڻ وارا بي دخل ماڻهو معاوضن جي باقي رهيل رقم جي ادائگين ۾ دير سبب پريشان آهن. انهن موجب باقي رهيل رقم جي وقت تي ادائگي نه ٿيڻ سبب، انهن جي وصول ڪيل رقم گهر جي ننڍين ننڍين ضرورتن کي پورو ڪرڻ تي خرچ ٿي وئي ۽ ڪنهن فائديمند مقصد لاءِ استعمال نه ٿي سگهي.

6_ مقامي ماڻهن جي چرپر تي پابندين ۽ ماحولياتي آلودگي؛

ٿر ڪول فيلڊ بلاڪ_1 جي ڳوٺن مثال طور وروائي لنجا، تلوائي ۽ ڪاريو غلام شاه جي رهواسين کي چرپر سان لاڳاپيل سخت ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن. بلاڪ_1 ۾ هر پاسي ڪنديدار تارون لڳائي ڪمپني مقامي ماڻهن جا روائتي رستا بند ڪري رهي آهي. توڙي جو ڪاريو غلام شاه ڳوٺ جي رهواسين کي پنهنجو ڳوٺ نه پيو ڇڏڻو پوي پر انهن کي رستا بند ٿيڻ سبب ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو پوي. وڌيڪ اهو ته ڪوئلي جي ڪاڻ جي تمام ويجهو هئڻ سبب ڪاريو غلام شاه جي رهواسين کي سخت شور ۽ ماحولياتي گدلاڻ کي منهن ڏيڻو پيو پوي.

پوئي جو تڙ ڳوٺ جي پيل پاڙي جا پنجاه خاندان رستي ۽ ڪوئلي تي هلندڙ بجلي گهر جي وچ ۾ ڦاسي ويا آهن. ڳوٺ جي اها زمين جتي اهي پنجاه خاندان رهن ٿا، شنگهائي الیکٹرک (نجي ڪمپني) کي پنهنجي آپريشنز لاءِ گهربل ناهي. ان لاءِ حڪومت انهن کي بي دخل نه ڪيو ۽ نه وري ڪو معاوضو ادا ڪيو آهي. پيل پاڙي جي انهن بي زمين پنجاه خاندانن وٽ سخت ماحولياتي گدلاڻ ۾ رهڻ کانسواءِ ڪوبه چارو ڪونهي. وڌيڪ اهو ته رستي ۽ بجلي گهر جي وچ ۾ موجود پيل پاڙي جي ماڻهن لاءِ هڪ پاسي ٽريفڪ حادثن جو خطرو وڌي ويو آهي ته ٻئي پاسي هتان جي عورتن لاءِ جنسي هراساني جهڙا مسئلا وڌي ويا آهن.

مطالبا؛

1_ ٿر ۾ زمين حاصل ڪرڻ ۽ بي دخل ٿيندڙ ماڻهن جي بحالي توڙي آبادڪاري لاءِ حڪومت باقائده پاليسي جوڙي. تجويز ڪيل پاليسي جي تياري ۾ حڪومت سول سوسائٽي ۽ ٿر جي ماڻهن جي شرڪت کي يقيني بڻائي. تجويز ڪيل پاليسي ٿر جي ماڻهن جي زندگي گذارڻ جي طريقي ۽ انهن جي روزگار جي ذريعن جي مقامي حقيقتن سان متوازي هئڻ گهرجي.

2_ زمين حاصل ڪرڻ ۽ بي دخل ٿيندڙ ماڻهن جي بحالي توڙي آبادڪاري بابت مقامي ماڻهن کي باخبر رکڻ لاءِ حڪومت معلومات جي فراهمي جو هڪ اثرائتو نظام جوڙي.

3_ ٿر جي ماڻهن کان زبردستي زمين خريدڻ ۽ انهن کي سندن زمينن تان مڪمل طور بي دخل ڪرڻ بدران حڪومت انهن کان سندن زمينون ليز (ٺيڪي) تي حاصل ڪري ۽ ان سلسلي ۾ سالياني ادائگي ڪري.

4_ قسطن ۾ ادائگي بدران حڪومت سمورن متاثر ماڻهن کي معاوضن جي رقم هڪئي وقت ادا ڪري. معاوضن جي مد ۾ سموري رهيل رقم فوري طور تي ادا ڪئي وڃي.

5_ ٿر ۾ بي دخل ٿيندڙ ماڻهن جي روزگار جي بحالي لاءِ حڪومت فوري قدم کڻي. روزگار جي بحالي ۾ بي زمين هارين کي خاص اوليت ڏني وڃي.

6_ ٿر ۾ زمين حاصل ڪرڻ ۽ بي دخل ماڻهن جي بحالي توڙي آبادڪاري جي عمل ۾ ٿيندڙ بي ضابطگين ۽ انساني حقن جي پڇڙين جي جانچ پڙتال لاءِ هڪ پارلياماني ڪميشن جوڙي وڃي.

7_ ٿر ۾ جاري ڪوئلي جي کوٽائي ۽ بجلي گهرن مان پيدا ٿيندڙ ماحولياتي گدلاڻ سان سڌو سنئون متاثر ٿيندڙ ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.